# سنڌو



سنڌ واسين کي
نئون سال مبارڪ

شهيد قائد
ذوالفقار علي ڀٽو
سالگرهه ايڊيشن

# رت جو رنگ

شاعر
نامعلوم

ترجمو
مرتضيٰ
سيال

پريل رستي تي
جڏهن بہ ڪوئي معصوم ٻار
پنهنجن هٿن ۾ ڪشڪول ٿاهي
منهنجي سامهون اچي ويندو آهي
تہ مون کي لڳندو آهي تہ چڻ
منهنجا خواب ۽ سيني جا خواب
روشنين، خوشبوئن جا سمورا گلاب
هڪ لالچ جي شاهوڪار پنهنجي گهر ۾ گروي رکيا آهن
مون کي ڄڀ آهي، اهو لمحو بہ اچي ويندو
جنهن لمحي اصل رقم کان وياج جي قيمت وڌي ويندي
چو تہ !
اند لٺ کي جڏهن بہ ڪنهن قيد ڪيو آهي
نيري آڪاش تي هڪ ئي رنگ ابري اچي ٿو
جنهن کي چوندا آهن
رت جو رنگ !

سنڌ واسين کي شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي جنم ڏينهن جون وڌايون



اڄ شهيد ڀٽو جي نياڻي محترمہ بينظير ڀٽو
پنهنجي پيءُ جي مشن کي اڳتي وڌائي رهي آهي



# سنڌي قوم جو عزم

اشرف زمان پير چنجامي

همت پنهنجي ڪرڻي پوندي،
چلهه نه ٻئي جي تڪڻي پوندي،

ڪير ڪٽي آ ڪنهن کي ڏيندو
ڳالهه اها بس مڃڻي پوندي

ڪٽ جا ٻاوا ٻاهيون آهن،
واڻ سان تانگهه ٻه وٽڻي پوندي

ٽامي جيڪا منهن ۾ لڳندي،
ڪاتي سان ، سا ڪٽڻي پوندي،

جيڪا راهه رليل آ خود ئي،
راهه اها ٻي ڇڏڻي پوندي،

محنت ئي خوشحال ڪندي آ،
محنت دل سان ڪرڻي پوندي

ظلم هجي ٻل زور هجي ٻل،
ڪاڻ نه ڪنهنجي ڪڏڻي پوندي

ٻاڻ ٻه جيڪو ساري ٽو پيو،
سار انهيءَ جي لهڻي پوندي.

پيار ٻنا ڇڻ منهنجي اشرف،
ڳالهه سڄي ٽي سڪڻي پوندي.

# سڏڪا

حبيب قادر قريشي

اي سنڌو تنهنجي متان اڄ آئون ٿو ڪجهه شعر لکان !

وات ننڍڙو آ، ڳالهه وڏي آئون ڇا لکي آئون ڇا لکان

هٿ قبضو آهي غيرن جو، هٿ ڳالهه هلي ٿي ڌوتن جي

هٿ رت وهي ٿو پنهنجن جو، آئون ڇا لکي آتون لکان

اي سنڌو تنهنجي متان اڄ آئون ٿو ڪجهه شعر لکان

ڪجهه بي سمجهي آ پنهنجي، ڪجهه ناداني آ پنهنجي

ڪجهه نا اتفاقي آ پنهنجن جي، آئون ڇا لکي آئون ڇا لکان

هي ڪينجهر، منڇر ٿا روئن سڏڪن سان ٿا رڙيون ڪن،

تنهنجي موجن ۾ آ رت ڳڏيو آئون ڇا لکي آئون ڇا لکان

اي سنڌو تنهنجي متان اڄ آئون ٿو ڪجهه شعر لکان

# نئون سال

ذوالفقار سيال

هتين خالي چئوواٽن تي
لانگ بوٽن ۾ ئي چتجي
اسان گهٽو ئي وڃائي ساٿي
اکين ۾ ڳوڙها به پي ويا هون
اداس ساهن ۾ زهر اوتي
پنهنجي چپن کي سبي ويا هون
نئين صبح جي ئي آسري ۾
طويل راتين ۾ جي رهيا هون

هي ڏنڊ ساري ۽ ڪارا پاڇا
آ روشنيءَ تي اڃان به پهرو
تڪي تڪي راهه سوجهرن جي
اسان جو پٿر ٿيو آ چهرو
اداس لمحن جي جهول ۾ ئي
اسان جي آسن جا خواب پلجن
۽ خنجرن جي ئي نوڪ تي ٿا
اسان جي پيارن جا پهر سرجن

نئين رت نئين سمي ۾
اسان کي سوريءَ سڏيو ويو آ
مگر اسان جو به ظرف ڏسجو
جتي به ڪائي شمع جلي آ
اتي اسان ئي آ خون هاريو
وري سويرن جو ساٿ ساري
اسان اي لوڪو آ پاڙ ماريو

اوهان کي نئون هي سال مبارڪ
اسان ته زخمن کي آ سنواريو
نئين رت جي نئين سمي ۾
اڇو ۽ آهون وري کي واريو



# غزل

علیم وسطڙو

پيچ پائي پريت جا پوءِ خفا ڇو ٿو ڪرين
دل سان دل هيڪر لڳائي پوءِ جدا ڇو ٿو ڪرين

(۱)

گڏ رهڻ جا واعدا عمر تائين هئا ڪيل
پيار ڏئي پهريائين پرين پوءِ دغا ڇو ٿو ڪرين

(۲)

چاش مٺي آهي مصريءَ کان بہ وڌ
ڪنڊ ۽ ماکيءَ جي پوءِ پڇا ڇو ٿو ڪرين

(۳)

راز دل جا ڪين سلبا عوام سان آهن صنم
وسطڙي عليم جي پوءِ گلا ڇو ٿو ڪرين

(۴)

# تلاش

ڊاڪٽر
محبوب قادر قريشي

هڪ مسافر وار وڪريل جستجوءِ سرگرم،
پا پيادو، پيٽ خالي، جستجوءِ سرگرم
آ پريشان دنيا ساري، خوف آهي دل تي طاري
آخر آهي ڳالهه ڪهڙي، جستجوءِ سرگرم
ڪربلا جا ڪوس تيا، نقل ڪئي آهي اسان
رت وهيو بي انداز آ، جستجوءِ سرگرم
آ ڪمي هڪ ڳالهه جي تورو وهي سوچيون اسين
ڪنهن ڪان آهيون خالي اسين جستجوءِ سرگرم
ڌن، دولت، شان و شوڪت آهي گهٽي،
انسانيت هي ناپيد آ، جستجوءِ سرگرم



## آزاد نظم

### گل نگراني

مرڪون ڪسجي ويئون آهن
ٽانڊا
چپ تي ٽهڪيا آهن
اک ۾ ماتم
من ۾ محرم
اڳتي پير جو ڪچندو آهي
هڪدم رڪجي ويندو آهي
سچ ڪي
ڪونهي
سوچ ڪا هاڻي
ڪڏهن گهاٽي پيڙهيو آهي
ڪڏهن سوليءَ
ساگر جيڏيون
اونهيون سوچون
جنهن ۾ اپڙون
ڳڻ ڳچيءَ ۾ ڪيڏا پاتل
لوهي زنجيرون
پيرن آهي
ڪوڙ اهو ٽي آهي پراڻو
جيڪو ديڳ ۾ ڪاڙهيو ويو آ

# نثري نظم

سيد زوار نقوي

ڪئين يُڳ اڳ ۾
آدم ۽ حوا جيان
ڌرتي تي لهي آياسين
پر وقت جي ويرين
پنهنجي پريم ڪنڊ
وجود ۾ ٽڪا وجهي ڇڏيا
[illegible]
مان اڄ به تنهنجو آڌريس پڇيان
رب جي دربار ۾
گرجا گهر ۾
۽ مندر ۾
تنهنجي درشن ڪارڻ
موت جي مهلت گهران ٿو

تاجل بيوس

# ماءُ

چي گوپرا، لورڪا
دادوءَ جي دودن جي ماءُ
چانڊڪا ڪان چين تائين
مامتا جو ڪيت
آشتيءَ ۽ امن جو اٿاهه ساگر
قوم جو اعلان
سچ جو آواز
نصرت جو پيام
بي مثل ۽ بي نظير
وولگا جي لهر ۽ سنڌوءَ جي موج
خون سان لکيل جمهوريت جو مقدس باب
منهنجي ماءُ
تنهنجي ماءُ
پنهنجي زخمن کي لڪائي
زخمي هٿڙن سان ٻچڙن جا زخم چيئي پئي
اياز، ناصر، شاهنواز
اسد ۽ نذير کي ڳولهي پئي
روئي ۽ ريجهائي پئي
ٻچڙن کي ڪيڏائي پئي
زندان کي لوڏي پئي
ٽٽل پٿرن کي سميٽي
قوم جي ديوار کي، نئين سر وري جوڙي پئي
نئين سر وري جوڙي پئي
نئين سر وري جوڙي پئي



سنڌو
THE WEEKLY SINDHU
عوامي حڪومت
سنڌو جي
سالگرہ جي
موقعي تي
خصوصي
اشاعت
شهيد نذير عباسي
۱۹۹۰ جو خوبصورت
ڪئلينڊر
سنڌو - سنڌ جي عوام
جي امنگن جو ترجمان